احمد

# نئون سنڌي گرامر

ٽيون درجي لاء

1977 - 78

قيمت ٧٥ پئسا

AL-MUNAIM LIBRARY

Book No.............
Larkana Grammar School
Luhur Colony,
Mirokhan Road Larkana

پبليشرز:-

ايچ احمد اينڊ سنس

ڪسيلرس ۽ پبلشرس

شاهي بازار حيدرآباد سنڌ

فون : 22474

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# گرامر

ٽئين درجي جي شاگردن لاءِ

لکندڙ:-

حاجي حقير ابن مگڻ،

ٺٽو و قيصره

پبلشرز:-

ايڇ- احمد ائنڊ سنس

بڪسيلرس ۽ پبلشرس

شاهي بازار حيدرآباد سنڌ.

فون: 22474

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# ٻه اکر

گرامر، علم جو هڪڙو حصو آهي. علم جي معنيٰ آهي، ڄاڻ. گرامر مان اسانکي خبر پوي ٿي ته ٻوليءَ ۾ صحيح لفظ ڪهڙا آهن ۽ غلط لفظ ڪهڙا آهن. غلط لفظ ڇڏي، صحيح لفظ ڳالهائجن. لوهر، ڪنڀر، حجم، ڏنو، قمبر، گمبٽ غلط آهن. لوهار، ڪنڀار، حجام، ڏنو، قنبر، گنبٽ صحيح آهن. جيڪڏهن خيال ۽ محنت سان هي گرامر پڙهبو ته گهڻو فائدو رسندو.

۲۹- جنوري ۱۹۷۶ع

حاجي "حقير" اِبن منگي
ڳوٺ راول ڀهوڙ،
نزديڪ ٽنڊو قيصر،

# حصو پهريون

## گـــرامـــر

گرامر کي سنڌي ٻوليءَ ۾ "ويا ڪرڻ" ۽ عربيءَ ٻولي ۾ "صرف ونحو" چئبو آهي. گرامر جي پڙهڻ سان سنڌي، انگريزي ۽ ٻيون ٻوليون چڱيءَ طرح لکـي ۽ ڳالهائي سگهجن ٿيون.

## ٢- الف بي جا حرف يعني اکر.

الف بي کـي سنڌيءَ ۾ "آئيويتا" ۽ انگريزيءَ ۾ "الفابيٽ" چئبو آهي. الف بـي جي حرفن يعني اکرن سان ٻولي ٺهندي آهـي. سنڌي، الف بي ۾ ايڪونجاھ (٥١) حرف آهن. انهن حرفن مان ث، ح، خ، ز، ص، ض، ط، ظ، ع، غ، ف، ق، ه، ء، عربي حرف آهن.

## ٣- ٻه اکري "ٻه حرفي" ۽ لفظ.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| آا | اِاي | اُآو | اي آي | او آو |
| ب با | ب بي | ب بو | بي بي | بو بو |

ٻه حرفـي چڱيءَ طرح يـاد نه ڪبي تـہ پڙهـڻ "علم" حاصل ڪونه ٿي سگهندو. مٿين ٻه حرفيءَ کان

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سواءِ ٻـي غني نون "ڻ" واري آهي. غني جـو مثال هيءُ آهي "الف، ن، زبر آن. ب، ڻ، پيش ٻڻ "انب" ڏي بي (ڏِي) ن، زير "ڏِنِ" ھ ن، پيش ھن "ڏينهن"

## ۴- لفظ

ٻن يـا ٻـن حرفن مان لفظ ٺهندو آهي. جهڙوڪ آن، ٽن، ٻڪر، ٻڪري، مـور، هاٿـي، ٻڪـي، ماڻهو، ڊاڪٽر. سنڌيءَ ۾ ٻه لفظ آهن، جن ۾ هڪڙو هڪڙو حرف آهن. اُهي هي آهن. تـه ۽ نه. ڪي ۾ ٻـه چوندا آهـن.

## سوال

(۱) گرامر ڪي سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ڇا چوندا آهن
(۲) گرامر پڙهڻ ۾ ڪهڙو فائدو آهي؟
(۳) سنڌي الف ٻي ۾ ڪيترا حرف آهن؟
(۴) ب حرف جي ڏهه اکري (حرفي) ٻڌايو.
(۵) ڇهن ميون ۽ ڇهن پکين جـا نالا لکو. آنب ۽ ڏينهن ۾ جيڪو نـون "ڻ" آهـي، تنهن کي ڪهڙو "ڻ" چوندا آهن.

## ۵- هجي.

حرفن کي زير، زبر ۽ پيش ڏئي لفظ ٺاهبو آهي. هنن لفظن جي هجي لکجي ٿي.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

(١) ڇوڪر، ڇ و، ڇو، ڪ ز بر ڪ، پيش ر، ڇوڪر.

(٢) شاگرد. ش الف زبر شا، گ، زير ر، گ، زير ر، د پيش د، شاگرد

(٣) ماڙي. م زبر، ما، ماڙي. هجي ڪرڻ ۾ جيڪو محنت نه ڪندو سو ڪڏهن به هوشيار نه ٿيندو. استاد کي گهرجي ته شاگرد کي هجي ڪرڻ ۾ هوشيار ڪري.

## ٢- لفظن جا قسم (نمونا)

لفظن جا اٺ (٨) قسم آهن.

(١) اسم
(٢) ضمير
(٣) ظرف
(٤) صفت
(٥) حرف جر
(٦) حرف جملو
(٧) حرف ندا
(٨) فعل

مٿيان اٺ لفظ، هجي ۽ ترڪيب، مذڪر ۽ مونث، عربي لفظ آهن. ترڪيب، مذڪر ۽ مونث بابت پوءِ سمجهائبو.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## ٧- اسم

اسم جي معنيٰ آهي، نالو هن دنيا ۾ هيڪڙا ساهه وارا آهن ۽ ٻيون شيون آهن، جن ۾ ساهه ڪونه آهي.
(١) ساهه وارا، ماڻهو، پکي، چئن پيرن وارا جانور، نانگ، ڪوئا، ڏيڏر، وڻ، وليون، ٻاچيون، ٻوٽا، ٽماٽو وغيره ۽ گاهه (٢) بي جان يعني جن ۾ ساهه ڪونهي. لوهه، جست، سون، چاندي، هڏا، سڪل ڪاٺي، دلو دڪي، مٽ، ماٽي وغيره.
ساهه وارن ۾ مونث ۽ مذڪر (مادي ۽ نر) آهن.
زال، مڙس، ڍڳي، مور، ڍڳي، ڍڳو، ٻڪر، ٻڪري.
بي جان شيون. مذڪر. سون، لوهه، ڪاٺ، ڪهاڙو ديڳڙو، رنبو، در، لوٽو، پٿر ٺڪر.
بي جان شيون. مونث. مٽي، ڪاٺي ڪهاڙي، ديڳڙي رنبي، دري، لوٽي، ٺڪري. بي جان شين بابت ٻه مذڪر ۽ مونث ڳالهائبو آهي.

## سوال

(١) اسم جي معنيٰ ٻڌايو؟
(٢) ڇهن ساهه وارن جا نالا ٻڌايو؟
(٣) ڇهن ماڻهن جا نالا ٻڌايو؟
(٤) ڇهن پکين جا نالا ٻڌايو؟
(٥) ڇهن بي جان شين جا نالا ٻڌايو؟
(٦) ڇهن ڪاٺ مان ٺهيل شين جا نالا ٻڌايو؟

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ٨- جملو

ٻن يا وڌيڪ لفظن مان ٺهندو آهي.

مثال: (١) پکي ڏس.

(٢) ڪانگ ڪارو آهي.

(٣) احمد آڪاڻي ويٺو لکي.

(٤) ريل گاڏي ڀڄي اچي.

(٥) هاري، ٻنيءَ ۾ ڪم پيا ڪن.

جملن مان سبق ۽ ڪتاب ٺهندا آهن.

جملي ۾ اٺئي لفظ ڪم ايندا آهن.

(١) اسم (٢) ضمير (٣) ظرف (٤) صفت (٥) حرف جر (٦) حرف جملو (٧) حرف ندا (٨) فعل.

## ٩- ضمير

ضمير، اسم جي بدران ڪم ايندو آهي.

مثال- (جنس مذڪر): آئون- اسين (مان، مون، اسان) تون- اوهين (تون، توهين) هو، آهو- هو، آهي.

(جنس مونث): آئون، اسين (مان اسان) تون، اوهين (تون، توهين) هوءَ، آها. توهين کي تهين ۽ توهان کي تهان چوڻ غلط آهي. مان، مون، توهين اثرادي مالهو ڳالهائيندا آهن.

ٻيا ضمير هيءَ آهن. جو، جيڪي. سو سي. سا، سي. جا، جيڪي، جي. پاڻ، ڪير ڪهڙو.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## ١٠- عدد

عدد جي معنيٰ آهي ڳاڻيٽو ۽ ڳڻپ. عدد ٻه آهن:
(١) عدد واحد. واحد جي معنيٰ آهي، هڪڙو.
(٢) عدد جمع. ٻه يا ٻن کان وڌيڪ.
مثال (١): وڻ، وڻ (٢) ڇوڪر، ڇوڪر (٣) ڇوڪري، ڇوڪريون (٤) ڏڳو، ڏڳا، (٥) ڏڳـي، ڏڳيون
(٦) ڪاري، ڪاريون.

### سوال

(١) ضمير ڇا کي چئبو آهي؟
(٢) آئون اسم آهي يا ضمير آهي؟
(٣) وڻ اسم آهي يا ضمير آهي؟
(٤) وڻ جو عدد جمع ٻڌايو؟
(٥) ڏڳن جو عدد واحد ٻڌايو؟
(٦) پکيءَ جو عدد جمع ٻڌايو؟
(٧) هاٿين جو عدد واحد ٻڌايو؟
لفظن جـي اٺـن (٨) قسمن مان "آئون" ڪهڙو لفظ آهي؟

## ١١ ڦيرو

ضمير جو ڦيرو (گردان) ياد ڪريو. آئون، اسين، تون، اوهين. هـو، هو يـا آهي (٢) مونکي، اسانکي، توکي، اوهان کي، هن کي هنن کي (٣) مون سان،

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اسان سان، توسان، اوهان سان، هن سان، هنن سان،
هائي خبر پڻ آهي ته ڦيرو ضمير جو ٿيندو آهي.

## سوال

(١) ضمير سان "ڪان" ڪڏهن ڦيرو پڌايو؟
(٢) ضمير سان "جو" ڪڏهن ڦيرو پڌايو ؟

## ١٢- صفت

صفت، اهو لفظ آهي، جنهن مان ساهه وارن يا
بي جان شين بابت خبر پوي ته هيءَ چڱي آهي يا
خراب آهي؟

مثال: (١) هيءُ صوف تازو آهي، هيءُ صوف ڪنو
تي ويو آهي. تازو، ڪنو، صفت آهي.
(٢) هيءُ انب مٺو آهي، هيءُ انب کٽو آهي.
مٺو ۽ کٽو صفت آهي.
(٣) هيءَ قينچي تکي آهي ۽ هيءَ قينچي منڍي
آهي. تکي ۽ منڍي صفت آهي. (صحيح لفظ
قينچي آهي، ڪئنچي غلط آهي. هاڻي
"ڪ" جي بدلي "قاف" لکندا ڪريو.

ٻي ڳالهه هيءَ به ياد ڪريو ته وارن جي سنوارت
ڪندڙ کي "حجم" چوڻ غلط آهي، "حجام" صحيح
آهي. پارسي ۽ اردن ڪتابن ۾ قينچي ۽ حجام لکندا
آهن تـه پوءِ سنڌي ڪتابن ۾ بـه قينچي ۽ حجام
لکڻ گهرجي.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

(٤) ڏاڙهون ڳاڙهو آهي، ليمون ڦڪو (هيڊو زردو) ڳاڙهو ۽ ڦڪو صفت آهي.
(٥) ڏهه رپيا وٺ، چار رپيا ورائي ڏي. ڏهه ۽ چار صفت آهي.
(٦) هيءُ ماڻهو ٿري آهي، هيءُ پنجابي آهي، هيءُ جبلي آهي. هيءُ احمد آبادي آهي. هيءَ سامونڊي مڇي آهي. هيءُ دريائي پلو آهي. ٿري، پنجابي، جبلي، احمد آبادي، سامونڊي دريائي صفت آهي.

## ١٣- ظرف

ظرف، اهو لفظ آهي، جنهن مان وقت ۽ جاء جي خبر پوي ٿي. جڏهن، تڏهن ڪڏهن، اڳي، پوءِ، پري ويجهو، ڪٿي، هتي، هتي.

توُن ڪڏهن ايندين؟
جڏهن تون چوندين.
احمد ڪٿي آهي؟
هوءَ اڳي آئي هئي.
پري نه ويهه، ويجهو ٿي ويهه.
هاڻي آئون وڃان ٿو.
ڪڏهن، جڏهن، ڪٿي، اڳي، پري، ويجهو، هاڻي. اهي لفظ ظرف آهن.

### سوال

(١) صفت لفظ مان ڪهڙي خبر پوي ٿي
(٢) ظرف لفظ مان ڪهڙي خبر پوي ٿي.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

(٣) هيٺين لفظن مان ڪهڙا لفظ صفت آهن ۽ ڪهڙا ظرف آهن؟

اوهان ڪي نہ، اڃا تہ، صفت ۽ ظرف جو بيان پڙهي پوءِ ٻڌايو.

تري، پوءِ، هاڻي، ڪٿي، ڪڏهن، ڪاڙهو، اڪيلي، چار، ڇهہ.

## ١٤- حرف جر

ٻن اسمن ۽ ضميرن سان لاڳاپو ڏيکاريندڙ لفظ کي حرف جر چوندا آهن. ۾، مان، تي، تان وٽ، وٽان، منجهہ، منجهان، کي، کان، سان.

### سوال

هيٺين جملن جا حرف جر ٻڌايو.

(١) مٽ مان انب ڪڍ.
(٢) ميز تي ڪتاب رکيو آهي.
(٣) تو کان ڏهہ رپيا وٺندس.
(٤) احمد، گهوڙي تان ڪري پيو.
(٥) تنهنجي هٿ ۾ ڇا آهي؟
(٦) هن سان گڏجي وڃ.
(٧) مون وٽ ٻہ رپيا آهن.
(٨) هن کي ڇڏ.
(٩) هو گهر منجهہ آهي.
(١٠) هو، هن سان گڏ هو.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## ١٥- حرف جملو

حرف جملو اهو آهي، جو ٻن لفظن کي پاڻ ۾ گڏ ڳنڍو آهي، يا ڌار ڪندو آهي، ۽، پر، يا، ته، ٻ، نه ٻ، جي، جيڪر، پڻ.

هيٺين جملن ۾ آيل حرف جملا سڃاڻيو.

(١) احمد ۽ حسن پڙهن ويٺا.
(٢) هرو ٻه گوپال سان گڏ هو.
(٣) تون وڃ يا هو وڃي. تون ايندين ته آءُ‌ن خوش ٿيندس.
(٤) توکي چيم، ته ٻه تون ڪونه آئين.
(٥) غازي ويٺو آهي، پر ڳنو ڪونه آهي.

## ١٦- حرف ندا

ندا جي معنيٰ آهي سڏ. حرف ندا جي لفظن مان سڏ، عجب، خوشيءَ، ارمان ۽ اميد جي خبر پوي ٿي
او، اي، آئي، هئي، وڃ، مار، واهه، واهه، آفرين شاباس گهوڙا گهوڙا، سچ، پينگ، هاء هاء، شل، من، مان.

(١) او، محمد هيڏانهن اچ.
(٢) اي، آلو مل.
(٣) آئي حليما.
(٤) هئي، نانگ ڪيڏو نه ڊگهو آهي.
(٥) اڙي، پينگ ٿي وڃي!

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

(٦) هن جي مرڻ ڪانپوءِ سچ ٿي وڃي.
(٧) هاهه هاهه ڏاڍو سور اٿم.
(٨) شاباس، پٽ، شاباس! اڄ سبق پڪو پڙهايو

اٿئي.

١٧- فعل

فعل جي معنيٰ آهي، ڪم ۽ ڪـم ڪرڻ. جنهن لفظ مان ڪم جي خبر پوي ٿي، اهو لفظ، فعل آهي.

مثال: لکڻ، ويو، وڃي ٿـو، ويندو، لکـي ويٺو، ڊوڙندو وڃي، اچ، لک، اچو.

(١) اڄ آئون اسڪول ۾ ڪونه ويندس.
(٢) احمد آيو آهي.
(٣)هيءَ ڪارڪ آهي.
(٤) اسلم ويو.
(٥) هي ڪتاب وٺ، ۽ رپيا ڏي.
(٦) ٺيڪ، آلوءَ کي اسڪول تہ ڇڏي اچ.
(٧) ٻچـل، ڏهـہ منٽ ويهہ، تـہ تـوکي ڪتاب آڻي ڏيان.

ڪونه ويندس، آيو آهي، آهـي، ويو، وٺ، ڏي ڇڏي اچ، ويهہ، آڻي ڏيان- اهي فعل آهن.

١٨- مصدر.

مصدر فعلن جي ماءُ آهي، هن مان فعل ٺهن ٿـا. مصدر، لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ حرف ”ڻ“ ايندو آهي.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مثال: ڪرڻ، وڃڻ، لکڻ، ڊوڙڻ، اٿڻ، ويهڻ، پڙهڻ
پڙهائڻ، سکڻ، سيکارڻ.

## وقت، زمانو، زمان-

وقت يعني زمانا، ٽي (٣) آهن.
(١) ماضي، گذريل وقت.
مثال: ڪالهه، ٽيون ڏينهن، گذريل سال، اڳ، اڳي.
(٢) حال، هلندڙ وقت.
مثال: اڄ، هينئر.
(٣) مستقبل، ايندڙ وقت.
مثال: سڀاڻي، پرينهن، ايندڙ مهنو، ايندڙ سال.

## سوال

هيٺين جملن جا زمان ٻڌايو.
(١) آئون سڀاڻي اسڪول ۾ ويندس.
(٢) نارائڻ، ڪالهه اسڪول ۾ ڪونه ويو هو.
(٣) اڄ، اسڪول ۾ ڪوڙ ٿو وڃان.
(٤) ڪيڏي مهل اسڪول ويندين؟
آئون هينئر ٿو وڃان.

## ١٩- ترڪيب.

جملي جي هرهڪ لفظ اسم، ضمير، صفت، ظرف

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حرف جر، حرف جملو، حرف ندا، فعل جي سمجهڻ ۽ سڃاڻڻ کي ترڪيب چئبو آهي.

(١) ڪانگ ڪارو آهي. ڪانگ، اسم. ڪارو، صفت آهي. فعل.

(٢) پکي ڏس. پکي، اسم، ڏس، فعل.

(٣) ريل گاڏي پئي اچي. ريل گاڏي، اسم. پئي اچي، فعل.

(٣) آءُ ۽ تون پڙهندا سين. آءُ، ضمير. ۽، حرف جملو. تون، ضمير. پڙهندا سين، فعل. (٥) هوءَ ماني ويٺي کائي. هوءَ ضمير. ماني، اسم. ويٺي کائي، فعل.

(٦) هيءُ صوف تازو آهي. هيءُ، ضمير. صوف، اسم. تازو، صفت. آهي، فعل.

(٧) تون ڪڏهن ايندين؟ تون، ضمير، ڪڏهين، ظرف. ايندين، فعل.

(٨) جڏهن تون چوندين. جڏهن، ظرف. تون، ضمير. چوندين، فعل.

## ٢٠- ترڪيب.

(١) مٺ مان انب ڪڍ. مٺ، اسم. مان، حرف جر. انب، اسم. ڪڍ، فعل.

(٢) ميز تي ڪتاب رکيو آهي. ميز، اسم تي، حرف جر. ڪتاب، اسم. رکيو آهي، فعل.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

(٣) تون وڃ يا هو وڃي. تون، ضمير، يا، حرف جملو. هو، ضمير، وڃي، فعل.

نوٽ (،) اڌ دم. (.) سڄو دم. (؟) سوال پڇڻ جي نشاني. اڌ دم، سڄو دم ۽ سوال پڇڻ جي نشاني، چڱي طرح سمجهايو.

نوٽ: اسم چار ٿي قسم آهن،

(١) اسم خاص (٢) اسم عام (٣) اسم ذات.

(اسم خاص) ڪنهن ساهه واري يا بي جان شي جو نالو. احمد، علي محمد، ٿوڻي، چوٽٽ، جيڪب، جيمس، ڪوهه نور هيرو، جيمس آباد، نواب شاهه.

(اسم عام) ساهه وارن ۽ بي جان شين جا نالا. شهر، ماڻهو، پکي، جبل، ڍڳو، هاري، وڻ، ڇوڪر.

(اسم ذات) الله ڳاهه، سچائي، وڏائي.

## ٢١- ترڪيب:

احمد، ڪتاب ڪڻي اچ. احمد، اسم خاص، جنس مذڪر، عدد واحد. ڪتاب، اسم عام، جنس مذڪر، عدد واحد. ڪڻي اچ فعل.

(٢) هن ماڻهن کي پاڻي پيار. هن، ضمير. ماڻهن جنس مذڪر، اسم عام، عدد جمع. کي، صفت. پاڻي، اسم عام، جنس مذڪر، عدد واحد. پيار فعل. تو کي ڏاڍي وڏائي آهي. تو، ضمير کي، صفت. ڏاڍي، صفت. وڏائي اسم ذات. آهي، فعل.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

نوٽ: فعل مان هٿئين (هجڻ) ۽ نه هئڻ (نه هجڻ) جي به خبر پوي ٿي. مثال: آهي، نه آهي، ڪونه آهي، ڪونه هو، ڪونه هوندو.

٢٠- هيٺين لفظن مان ١- اسم ٢- ضمير ٣- ظرف، ٤- صفت ٥- حرف جر ٦- حرف جملو ٧- حرف ندا ٨- فعل، جا لفظ ڳولي لکو. ياد نه اچن ته گرامر مان لکو.

ڪي، قاصائي، حجام، قينچي ته ۽ سان، ڪي، هاه هاه، واه واه، ڪڏهن، اڳي، اسين، تون، هوءَ، ڪتو، ڪڙو، وڃي پيو، ايندو، شاباش، يا، احمد، جبل، ٿر، لاڙ. گرامر نه اچي ته استاد کان پڇو.

نوٽ: ڪاسائي، حجم ۽ ڪينچي غلط آهن. قاصائي حجام ۽ قينچي صحيح لفظ آهن. عربيءَ ۾ قاصائيءَ کي قصاب چوندا آهن حجام عربي لفظ آهي. قينچي ترڪي آهي. افسوس آهي ته درسي ڪتابن ۾ غلط لفظ ڪم پيا اچن.

٢١- هنن لفظن مان جنس مذڪر جدا لکو ۽ جنس مونث ڌار لکو.

(١) ڇوڪريون، انب، ڍڳا، ٻڪريون، ٻيل، ڪانگ، رڍ، مڙس، زال، راڻي، دادي، چاچو، ماسي.

(٢) هيٺين لفظن ۾ جيڪي "عدد واحد" آهن، تن

جا عدد جمع لکو، جن جو عدد جمع آهي، تن جو عدد
واحد لکو.

## ٢٢- زمان ٽي (٣) آهن:

١- زمان ماضي (گذريل وقت) ٢- زمان حال
(هلندڙ وقت) ٣- زمان مستقبل (ايندڙ وقت).

ويو، ويو هو، ويندو هو، ماريندو هو، لکيو هئائين،
اهي لفظ زمان ماضي آهن.

وڃان پيو، وڃان ٿو، لکان ٿي، آئي آهيان، اهي
لفظ زمان حال آهن.

ويندس، ويندي س، لکندس، لکندي س، اهي لفظ زمان
مستقبل آهن.

## ٢٣- ترکيب:

ڇيڻي ۽ سيائي ٻئي ساهيڙيون آهن. ڇيڻي اسم خاص
جنس مونث، عدد واحد ۽، حرف جملو. سيائي، اسم
خاص، جنس مونث، عدد جمع. آهن، فعل، زمان حال.

(٢) آئون ڪراچي ويو هوس. آئون، ضمير، جنس
مذڪر، عدد واحد. ڪراچي، اسم خاص، جنس مونث،
ويو هوس، فعل، زمان ماضي.

(٣) آئون، راڻيءَ وٽ وينديس. آئون، ضمير، جنس
مونث، عدد واحد. راڻي، اسم خاص، جنس مونث،

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عدد واحد، وت، صفت، ويندڙ، فعل، زمان مستقبل.

(٣) حاجي ٻه لکي ويٺو ۽ گاجي ٻه لکي ويٺو. حاجي، اسم خاص، جنس مذڪر، عدد واحد، ٻه، حرف جملو، لکي ويٺو، فعل، زمان حال، ۽، حرف جملو، گاجي، اسم خاص، جنس مذڪر، عدد واحد، ٻه، حرف جملو.

## ٢٤- هيٺين جملن جي ترڪيب ڪريو:

(١) اڄ آسمان تي ڪڪر آهن.

(٢) بازار ۾ وڃان ٿو، ڇا وٺي اچان؟ صوف، نوت ۽ ڪيلا.

(٣) هيٺين اسمن جا قسم ٻڌايو. چنڊ، سج، صفائي، ماوڪ، گاهه، صاحب خان، جيت، طوطا، جهرڪيون، ڳيرو، ڳيرا.

٢٤- (١) سنڌي آئيويٽا (الف ٻي) ۾ ڪيترا حرف آهن؟

(٢) حرف ڪي سنڌيءَ ۾ ڇا چوندا آهن؟

(٣) هيٺين حرفن ۾ ڪهڙا حرف عربي آهن؟ ب، ث، ق، ٿ، ڇ، ڏ، ض، ع، ط، ق، ڳ، ظ، ٺ، ٻ، ح، ذ، ڎ.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

٢٥- عربي، الف بي ۾ اوڻيهه حرف آهن:

ا ب ت ث ج ح خ د ذ ر ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق ک ل م ن و ه ي. هنن مان ب ت ج د ر س ش ک م ن و ه ي، سنڌيءَ ۾ ب آهن، باقي (١٤) حرف خاص عربي آهن. ث ح خ ذ ز ص ض ع غ ف ق ء. انهن (١٤) حرفن مان ڪو حرف، ڪنهن لفظ ۾ هجي ته اهو عربيءَ ٻوليءَ جو لفظ آهي.

مثال:- صديق، صدر، بصر، حيدر، ظالم، فقير، ثمر (ڦر، ميوو) حجام، خط، ذوالفقار، عزيز، طوطو، عرش، عظيم، قيامت.

ٻورو ٽيو

ڇپيندڙ: مرتضيٰ پرنٽنگ پريس ڪوڪر ٻازار حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner